INTERNATIONAL PREMIER JOURNAL OF LANGUAGES & LITERATURE (IPJLL)
VOLUME 4, ISSUE 3, 2026 p-ISSN: 3007-2336 e-ISSN: 3007-2344

استاد بخاريءَ جي مزاحمتي شاعريءَ ۾ قومي شعور، عوامي جدوجهد ۽ انقلابي فڪر:هڪ تحقيقي ۽ تنقيدي اڀياس

NATIONAL CONSCIOUSNESS, PEOPLE'S STRUGGLE, AND REVOLUTIONARY THOUGHT IN USTAD BUKHARI'S POETRY OF RESISTANCE: A RESEARCH AND CRITICAL STUDY

Dr. Muhammad Chuttal Bozdar Assistant Professor Sindhi Department Govermment Boys Degree College Ratodero.
dr.maiharsindhi@gmail.com

Khalid Sahil Keerio Lecturer, Department of Sindhi Language and Literature, Shaheed Benazir Bhutto
Khalid.keerio@sbbusba.edu.pk University, Shaheed Benaziabad, Sindh, Pakistan.

Abstract

Resistance poetry plays a significant role in articulating national consciousness, challenging oppression, and expressing the aspirations of marginalized communities. In modern Sindhi literature, Ustad Bukhari occupies an important position as a poet whose work reflects a deep commitment to Sindh, its people, and their collective struggle for freedom, dignity, and social justice. His poetry combines patriotism, revolutionary thought, humanism, and resistance to political oppression and social exploitation.This study critically examines the major dimensions of resistance in Ustad Bukhari's poetry, focusing on national consciousness, people's struggle, and revolutionary thought. It explores how the poet transforms collective suffering into a source of courage, hope, and resistance. His poetic expression challenges authoritarianism, social inequality, feudal domination, outdated customs, superstition, and forces that threaten the rights and identity of the Sindhi people. The study also investigates his solidarity with oppressed communities, his emphasis on collective action, and his vision of a progressive, peaceful, and just society.The research adopts a qualitative and interpretive approach, employing textual analysis and historical and socio-political contextualization of selected poems. The analysis is supported by relevant critical writings and literary sources. The findings indicate that Ustad Bukhari's resistance poetry extends beyond the expression of protest; it seeks to awaken collective consciousness, encourage sustained struggle, and inspire social transformation. His poetry thus represents a significant contribution to the development of national, progressive, and people-oriented consciousness in modern Sindhi literature.

Keywords: *Modern Sindhi Poetry, National Consciousness, Patriotism, People's Struggle, Resistance Poetry, Revolutionary Thought, Sindhi Literature, Ustad Bukhari.*

Corresponding Author: Khalid Sahil Keerio (Lecturer, Department of Sindhi Language and Literature, Shaheed Benazir Bhutto University, Shaheed Benaziabad, Sindh, Pakistan.)
Email: Khalid.keerio@sbbusba.edu.pk

ادب ڪنهن به سماج جي فڪري، سياسي، سماجي ۽ ثقافتي زندگيءَ جو اهم عڪاس هوندو آهي. ادبي تخليقون پنهنجي دور جي حالتن، مسئلن ۽ تضادن جي ترجماني ڪرڻ سان گڏ انساني شعور جي تعمير، اجتماعي احساسن جي اظهار ۽ سماجي تبديليءَ جي خواهش کي به فني صورت ڏين ٿيون. جڏهن ڪنهن سماج ۾ سياسي جبر، معاشي استحصال، سماجي اٽبرابري ۽ قومي حقن جي لتاڙ وڌي وڃي ٿي، تڏهن ادب ۾ انهن حالتن خلاف ردعمل پيدا ٿئي ٿو. اهڙي ردعمل مان مزاحمتي ادب جنم وٺي ٿو، جيڪو ظلم ۽ ناانصافيءَ کي قبول ڪرڻ بدران انهن خلاف فڪري، اخلاقي، ثقافتي ۽ تخليقي جدوجهد جو اظهار ڪري ٿو. مزاحمتي ادب جي اهميت ان ڳالهه ۾ آهي ته اهو سماج جي موجوده حالتن کي رڳو بيان نٿو ڪري، پر انهن جي پويان ڪم ڪندڙ طاقت جي رشتن، استحصالي روين ۽ فڪري تضادن کي به ظاهر ڪري ٿو. اهو مظلوم ۽ محروم طبقن جي تجربن کي ادبي اظهار ڏئي ٿو، اجتماعي يادگيريءَ کي محفوظ ڪري ٿو ۽ بهتر سماجي مستقبل بابت سوال اٿاري ٿو. مزاحمتي شاعريءَ ۾ لفظ احتجاج، سوال، انڪار، اميد ۽ جدوجهد جا وسيلا بڻجن ٿا. اهڙي شاعريءَ جو اثر رڳو ان جي موضوع ۾ نه، پر ان جي ٻوليءَ، علامتن، لهجي، فني جوڙجڪ ۽ پڑهندڙ جي شعور سان قائم ٿيندڙ لاڳاپي ۾ به موجود هوندو آهي. سنڌي ادب ۾ مزاحمت جي روايت تاريخي طور اهم رهي آهي. سنڌ جي ڪلاسيڪي شاعريءَ ۾ ظلم خلاف آواز، حق ۽ سچ جي پاسداري، انساني آزاديءَ جو احساس ۽ جابر قوتن سان مهاڏو انڪائڻ جا تصور مختلف صورتن ۾ ملن ٿا. جديد سنڌي شاعريءَ ۾ اهي تصور نون سياسي، سماجي ۽ قومي حالتن جي پسمنظر ۾ وڌيڪ واضح ۽ سگهاري صورت اختيار ڪن ٿا. اهڙي شاعريءَ ۾ ڌرتيءَ سان محبت، قومي سڃاڻپ جو تحفظ، عوامي حقن جي حمايت، آمريت جي مخالفت ۽ مظلوم طبقن سان يڪجهتيءَ جا جذبا نمايان نظر اچن ٿا.

جديد سنڌي شاعريءَ جي مزاحمتي روايت ۾ استاد بخاريءَ جي حيثيت خاص اهميت رکي ٿي. سندس شاعريءَ جو بنياد محرڪ سنڌ، سنڌي قوم ۽ عام انسان سان گهري وابستگي آهي. هن پنهنجي دور جي سياسي ۽ سماجي حالتن، قومي مسئلن ۽ عوامي پيڙائن کي شاعريءَ جو موضوع بڻايو. سندس ڪلام ۾ ڏک، درد، محرومي ۽ احتجاج رڳو ذاتي احساس ناهن، پر اهي اجتماعي شعور، همت، جدوجهد ۽ تبديليءَ جي خواهش سان ڳنڍيل آهن. استاد بخاريءَ وٽ شاعريءَ جو مقصد رڳو داخلي ڪيفيتن جو اظهار ڪرڻ نه، پر انسان کي پنهنجي حالتن کان واقف ڪرڻ، سماجي تضادن ڏانهن متوجه ڪرڻ ۽ بهتر مستقبل جي تعمير لاءِ فڪري طور متحرڪ ڪرڻ ۾ آهي. استاد بخاريءَ جي مزاحمتي شاعريءَ جا ٻي اهم فڪري پاسا هن مطالعي جو مرڪز آهن: قومي شعور، عوامي جدوجهد ۽ انقلابي فڪر. قومي شعور جي حوالي سان سندس شاعري سنڌ جي تاريخ، ٻولي، ثقافت، ڌرتيءَ ۽ قومي تشخص سان وابستگيءَ جو اظهار ڪري ٿي. عوامي جدوجهد جي دائري ۾ هو هارين، مزدورن، مسڪينن ۽ مظلوم طبقن جي حقن جي حمايت ڪري ٿو. انقلابي فڪر جي سطح تي هو سياسي جبر ۽ معاشي استحصال سان گڏ جاگيرداري ذهنيت، فرسوده روايتن، انڌي عقيدت، توهم پرستي، جهالت ۽ تنگ نظريءَ کي به انساني ترقيءَ جي راهه ۾ رڪاوٽ سمجهي ٿو. اهڙيءَ طرح استاد بخاريءَ جي مزاحمتي شاعريءَ ۾ قومي آزاديءَ جو احساس، عوامي حقن جي حمايت ۽ سماجي سڌاري جي خواهش هڪ ٻئي کان الڳ نه، پر هڪ ٻئي سان ڳنڍيل فڪري پهلو آهن. سندس شاعريءَ جو تنقيدي مطالعو ان ڳالهه کي سمجهڻ لاءِ ضروري آهي ته شاعر پنهنجي تخليقي اظهار ذريعي اجتماعي پيڙائن کي ڪيئن مزاحمتي شعور ۾ تبديل ڪري ٿو ۽ ٻوليءَ، قلم، ڪتاب ۽ شاعراڻي آواز کي سماجي بيداريءَ جي وسيلي طور ڪيئن استعمال ڪري ٿو. مزاحمت جي مفهوم کي سمجهڻ لاءِ سڀ کان پهرين ان جي لغوي معنيٰ، مختلف ٻولين ۾ استعمال ۽ ادبي اصطلاح طور ان جي معنوي وسعت جو جائزو وٺڻ ضروري آهي. لفظي معنيٰ ڪنهن اصطلاح جي بنيادي مفهوم کي واضح ڪري ٿي، جڏهن ته ادبي ۽ سماجي تناظر ان جي عملي ۽ فڪري معنويت کي وڌيڪ چٽو ڪن ٿا.

”مزاحمت عربي ٻوليءَ جي لفظ ”الزحم“ مان ورتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، ٽڪرائجڻ وارا ماڻهو. الزحمت (سوڙهه، تنگ)، زحم (مصدر) جي معنيٰ سوڙهه ڪرڻ (هڪ ٻئي تي تنگي ڪرڻ) هڪ ٻئي کي ڏکڻ، هڪ ٻئي کي دٻائڻ، چڙهڻ جهڙا لفظ ڏنا ويا آهن.“(1)

جامع فيروز اللغات ۾ مزاحمت جي مفهوم بابت چاڻايل آهي:

”مزاحمت“ عربي ٻوليءَ مان نڪتل آهي، پر جن ملڪن ۾ عربي ٻولي ڳالهائي وڃي ٿي، تن ۾ مزاحمت بدران 'مقاومه' ۽ 'معارضه' جهڙا لفظ به استعمال ٿين ٿا. فارسيءَ ۾ مزاحمتي ادب لاءِ ”مقاومتي ادب“ جو اصطلاح آهي. ”مقاومه“ جو جمع ”قوم“ مطلب برابري ڪرڻ، مخالفت ڪرڻ مان ورتو ويو آهي.“(2)

ساڳئي سلسلي ۾ وارث سرهندي اردو لغت جي حوالي سان لکيو ويو آهي:

عام طور تي ”قوم“ جو مطلب گڏ ٻيهڻ، مخالفت ڪرڻ ۽ برابري ڪرڻ آهي ۽ ”مقاومه“ مان مراد مقابلو يا برابري آهي.“(3)

لبناني نقاد ۽ ناول نگار الياس خوري مزاحمت جي اصطلاح جي ادبي ۽ سياسي معنويت کي واضح ڪندي لکي ٿو:

“The word for resistance used here (Lebanon), muaradah translates the term muqawamah conventionally used in Arabic to suggest popular, organized resistance to colonial occupation or imperialist oppression and gives a literary-critical implication to the idea of resistance.”(4)

مزاحمت جو مفهوم رڳو ڪنهن عمل کي روڪڻ يا مخالفت ڪرڻ تائين محدود نه آهي، پر اهو منظم عوامي جدوجهد، نوآبادياتي قبضي ۽ سامراجي جبر خلاف اجتماعي ردعمل سان پڻ لاڳاپيل ٿي سگهي ٿو. لبناني تناظر ۾ استعمال ٿيندڙ لفظ ”معارضه“ جي ويجهو مفهوم اردوءَ ۾ جهيڙو، مقابلو، روڪڻ، جهلڻ، رندڪ، مزاحمت ۽ دشمنيءَ جي روڪاوٽن جهڙن لفظن سان بيان ڪيو ويو آهي. مختلف ٻولين ۾ مزاحمت لاءِ مختلف لفظ استعمال ٿين ٿا.

”انگريزيءَ ۾ Resistance، اطالويءَ ۾ Resistenza، جرمنءَ ۾ Gegenwehr يا ان سان لاڳاپيل اصطلاح، فرانسيسيءَ ۾ Résistance، بنگاليءَ ۾ اوشو بيدها، بلوچيءَ ۾ جل و دار، پشتوءَ ۾ بنديز، جڏهن ته پنجابي ۽ ڪشميريءَ ۾ رڪاوٽ ۽ اردو توڙي سنڌيءَ ۾ مزاحمت جهڙا لفظ استعمال ٿين ٿا.“(5)

انهن لفظن جي استعمال مان ظاهر ٿئي ٿو ته مزاحمت جو تصور مختلف ٻولين ۽ سماجن ۾ موجود آهي، جيتوڻيڪ هر ٻوليءَ ۾ ان جو مخصوص ثقافتي ۽ تاريخي پسمنظر ٿي سگهي ٿو. جواهر اللغات ۾ مزاحمت جي معنيٰ آهي.

”روڪ، ممانعت، رڪاوٽ، انڪاءُ ۽ انڪار.“ (6)

فرهنگ آصفيه ۾ ان جو مطلب آهي.

”روڪ، ٽوڪ، انڪاءُ، ممانعت“ بيان ڪرڻ.“(7)

وارث سرهندي لغت ۾ ان جا مترادف لفظ آهن.

”ممانعت، ممنوع، مدافعت، خلل، رخنو، مداخلت ۽ رڪاوٽ.“(8)

اهڙيءَ طرح انگريزي لفظ Resist جا متبادل لفظ Withstand, Contest, Oppose, Fight, Combat, Conflict ۽ Antagonise آهن. انهن لفظن ۾ ڪنهن دٻاءَ کي برداشت ڪرڻ، مخالفت ڪرڻ، مقابلو ڪرڻ، جهيڙڻ ۽ مخالف قوت جي اثر کي روڪڻ جا مفهوم شامل آهن. هڪ انگريزي لغوي وضاحت موجب مزاحمت جو مطلب آهي.

”ڪنهن قوت جي اثر کي برداشت ڪرڻ، مخالفت ڪرڻ، ان کي روڪڻ يا ان جي اثر کي گهٽائڻ جي ڪوشش ڪرڻ آهي.“(9)

اي. ايس. هارنبي ۽ سندس ساٿي ليڪڪن جي بيان ڪيل مفهوم موجب:

”مزاحمت ۾ ڪنهن جي اثر کي روڪڻ، مخالفت ڪرڻ، رڪاوٽ پيدا ڪرڻ ۽ پنهنجي موقف تي قائم رهڻ جا پهلو شامل آهن.“(10)

مختصر طور، لغوي سطح تي مزاحمت جو تعلق روڪ، مخالفت، مقابلي، انڪار ۽ ثابت قدميءَ سان آهي. پر ادبي ۽ سماجي تناظر ۾ ان جي معنويت ان کان وڌيڪ وسيع ٿي وڃي ٿي، ڇاڪاڻ ته هتي مزاحمت رڳو ڪنهن عمل کي روڪڻ نه، پر جبر جي سببن کي سمجهڻ، ناانصافيءَ کي وائکو ڪرڻ ۽ انساني حقن جي بحاليءَ لاءِ شعوري موقف اختيار ڪرڻ جو نالو پڻ آهي. اصطلاحي طور مزاحمت کي ظلم، جبر، ناانصافي، استحصال، نوآبادياتي بالادستي ۽ طاقت جي ناجائز استعمال خلاف شعوري ردعمل طور سمجهي سگهجي ٿو. هڪ مختصر لغوي وضاحت موجب:

”مزاحمت عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي معني آهي روڪ، جهل، منع.“(11)

انگريزي لغت ۾ مزاحمت جي مفهوم کي هنن لفظن ۾ بيان ڪيو ويو آهي:

“To strive against, opposing, with standing, opposition of some force stand firm against, fight work against, to refuse to cooperate with(12)”.

هن وصف جي روشنيءَ ۾ مزاحمت مان مراد ڪنهن قوت جي مخالفت ڪرڻ، ان جي دٻاءَ آڏو ثابت قدم رهڻ، ان خلاف جدوجهد ڪرڻ ۽ ضرورت پوڻ تي ان سان سهڪار ڪرڻ کان انڪار ڪرڻ آهي. سماجي تناظر ۾ اها مروج ناانصافين، جابرانڻ روين ۽ غير منصفاڻي روايتن کي چئلينج ڪرڻ جي صورت به اختيار ڪري ٿي. مزاحمت جو هڪ ٻيو اهم پاسو داخلي ۽ اخلاقي سطح سان لاڳاپيل آهي. صوفي فڪر ۾ انسان کي پنهنجي نفساني ڪمزورين، حرص، حسد، سازش، دغا، لالچ ۽ خودغرضيءَ تي ضابطو رکڻ جي تلقين ڪئي وئي آهي. ان حوالي سان مزاحمت رڳو ٻاهرين جبر خلاف ٻيهڻ نه، پر پنهنجي اندر موجود اهڙن روين خلاف جدوجهد ڪرڻ جو نالو پڻ آهي، جيڪي انسان کي اخلاقي ۽ روحاني طور ڪمزور ڪن ٿا. اهڙيءَ طرح مزاحمت جا به لاڳاپيل پاسا سامهون اچن ٿا: هڪ طرف سياسي، سماجي ۽ معاشي جبر خلاف اجتماعي مزاحمت؛ ٻئي طرف داخلي خود احتسابي ۽ اخلاقي سڌاري جي جدوجهد. ادبي تنقيد لاءِ اهو فرق اهم آهي، ڇاڪاڻ ته مزاحمتي شاعري ڪڏهن ظاهري طاقت جي مخالفت ڪري ٿي، ته ڪڏهن انسان جي اندر موجود خوف، بي وسي، خودغرضي ۽ ذهني غلاميءَ کي موضوع بڻائي ٿي. مزاحمتي ادب جو بنيادي مقصد ظلم ۽ ناانصافيءَ جي مختلف صورتن کي ظاهر ڪرڻ، مظلومن جي تجربن کي آواز ڏيڻ ۽ انساني آزاديءَ، برابريءَ ۽ انصاف جي قدرن کي هٿي ڏيڻ آهي. اهڙي ادب ۾ جنگناما يا رزميه شاعري، جابر قوتن خلاف احتجاج، بغاوت، انڪار، جدوجهد، قومي آزادي ۽ سماجي تبديليءَ جا موضوع مختلف فني صورتن ۾ ظاهر ٿي سگهن ٿا. بهرحال، هر رزميه يا احتجاجي تخليق کي پاڻمرادو مزاحمتي ادب قرار ڏيڻ بدران ان جي فڪري مقصد، تاريخي تناظر ۽ طاقت جي رشتن سان تعلق جو جائزو وٺڻ ضروري آهي.

مزاحمت جو لفظ رڳو ادب ۽ سياست تائين محدود نه آهي. مختلف علمن ۾ اهو جدا جدا مفهوم رکي ٿو، پر انهن سڀني ۾ ڪنهن قوت، وهڪري، عمل يا اثر جي مخالفت، روڪ يا مزاحمتي صلاحيت جو بنيادي خيال موجود آهي. واپار ۽ اقتصاديات ۾ Market Resistance جو اصطلاح مارڪيٽ ۾ نئين پيداوار يا تبديليءَ جي قبوليت آڏو پيدا ٿيندڙ رڪاوٽن جي وضاحت لاءِ استعمال ٿي سگهي ٿو. علمِ طبعيات ۾ برقي مزاحمت مان مراد برقي رو جي وهڪري آڏو پيدا ٿيندڙ رڪاوٽ آهي. اهڙيءَ طرح حياتيات ۾ جسم جي مدافعتي نظام جو ڪم خارجي جراثيمن ۽ بين نقصانڪار عنصرن خلاف تحفظ فراهم ڪرڻ آهي. اچا رت جا جزا، اينٽي بابيز ۽ اينٽيجنز مدافعتي عمل ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا، جڏهن ته ويڪسينون مخصوص بيمارين خلاف مدافعتي ردعمل پيدا ڪرڻ ۾ مدد ڏين ٿيون. تاريخي ۽ سياسي تناظر ۾ مزاحمت جو اصطلاح خاص طور تي انهن حالتن سان لاڳاپيل آهي، جتي ڪنهن قوم يا سماج تي ٻاهرين قبضي، آمريت يا جابراڻي حڪمرانيءَ جي صورت ۾ دٻاءُ وڌو وڃي. ٻي عالمي جنگ دوران

يورپ جي مختلف حصن ۾ جرمن قبضي خلاف مقامي مزاحمتي تحريڪون وجود ۾ آيون. انهن تحريڪن ۾ احتجاج، ڳجهي تنظيم سازي، سياسي مخالفت ۽ مختلف حالتن ۾ هٿياربند جدوجهد جا طريقا اختيار ڪيا ويا. انهن مثالن مان ظاهر ٿئي ٿو ته مزاحمت جو روپ تاريخي حالتن ۽ جدوجهد جي مقصدن موجب تبديل ٿيندو رهي ٿو. اخلاقيات ۾ مزاحمت جو تعلق ڪنهن حڪم يا عمل سان اختلاف ڪرڻ، ان جي مخالفت ڪرڻ يا ان جي فرمانبرداريءَ کان انڪار ڪرڻ سان آهي. اهڙي صورت ۾ مزاحمت جو جواز ان ڳالهه سان ڳنڍيل هوندو آهي ته حڪم يا عمل اخلاقي اصولن، انساني وقار يا انصاف جي تقاضائن سان ڪيترو مطابقت رکي ٿو. قانوني ۽ آئيني تناظر ۾ مزاحمت جي بحث کي اظهارِ راءِ، پرامن احتجاج، اجتماع ۽ بنيادي حقن جي تحفظ سان ڳنڍي سگهجي ٿو. جديد ٽيڪنالاجي ۽ ڪمپيوٽر سائنس ۾ به Resistance ۽ ان سان لاڳاپيل اصطلاح مختلف فني معنائن ۾ استعمال ٿين ٿا. ڪمپيوٽر وائرس جي وضاحت ڪندي وليمز ۽ سندس ساٿي ليکڪ لکي ٿو:

“A virus consists of hidden programming instructions that are buried within an application or system program. They copy themselves to other programs, causing havoc. They can even shut down entire computer systems. Fortunately, antivirus software is available. Antivirus software can detect viruses. Some utilities destroy the virus on the spot.”(13)

مٿين مثالن مان معلوم ٿئي ٿو ته مزاحمت جو لفظ مختلف شعبن ۾ پنهنجي مخصوص معنوي صورت اختيار ڪري ٿو. پر هن مقالي ۾ ان جو بنيادي لاڳاپو ادبي، قومي، سياسي، سماجي ۽ اخلاقي جدوجهد سان آهي. مزاحمتي ادب جو تعلق انهن تخليقي تحريرن سان آهي، جيڪي سماج ۾ موجود ظلم، جبر، ناانصافي، استحصال، قومي حقن جي لتاڙ ۽ انساني آزاديءَ تي پابندين کي موضوع بڻائين ٿيون. قومي عوامي شاعري ان ادب جي هڪ اهم صورت آهي، جنهن ۾ ڌرتيءَ سان محبت، قومي امنگن جي ترجماني، عوامي حقن جي حمايت ۽ مظلومن سان يڪجهتيءَ جا جذبا موجود هوندا آهن. مختيار احمد ملاح ملڪي حالتن ۽ ادب جي باهمي تعلق بابت لکي ٿو:

”ادب ملڪي حالتن جو رد عمل هوندو آهي. جيڪڏهن ملڪي حالتون عوامي پلائيءَ لاءِ سٹيون نه هونديون ته ان جو رد عمل ادب ۾ جابجا موجود هوندو آهي. مطلب ته مزاحمتي ادب اهو ادب آهي، جنهن ۾ ملڪي ناانصافين، ناهمواريون جي خلاف مزاحمت جو عنصر موجود هجي. سنڌي شاعريءَ ۾ اهو لاڙو صوفين وٽ وڌيڪ ملي ٿو.“(14)

مٿيون خيال ادب کي سماجي حالتن سان ڳنڍيو ٿو. ان مان اهو نتيجو ڪيو سگهجي ٿو ته مزاحمتي ادب جي تخليق ۾ سماجي تضاد اهم ڪردار ادا ڪن ٿا، پر ادبي تخليق رڳو حالتن جو سڌو سنئون عڪس نه هوندي آهي. شاعر پنهنجي فني صلاحيت، تخيل، پوليءَ ۽ فڪري موقف وسيلي انهن حالتن کي نئين معنويت ڏئي ٿو. انهيءَ عمل ۾ اجتماعي پيڙا شاعراٽي علامت، احتجاجي لهجي ۽ مستقبل بابت اميد ۾ تبديل ٿي سگهي ٿي. جديد سنڌي شاعريءَ ۾ ڌرتيءَ ۽ قوم سان محبت جو اظهار تڏهن وڌيڪ بامعنيٰ بڻجي ٿو، جڏهن اهو عوام جي حقن، سماجي انصاف ۽ انساني وقار سان ڳنڍيجي وڃي ٿو. قومي شاعريءَ کي رڳو وطن جي ساراهه يا جذباتي وابستگيءَ تائين محدود ڪرڻ بدران ان جي اندر موجود سياسي شعور، تاريخي يادگيري، سماجي تنقيد ۽ عوامي ذميواريءَ جو جائزو وٺڻ گهرجي. استاد بخاريءَ جي شاعريءَ ۾ قومي ۽ عوامي احساس گڏيل صورت ۾ ظاهر ٿين ٿا. سندس نظر ۾ سنڌ جي سلامتي، سنڌي قوم جي سڃاڻپ ۽ عام انسان جي عزت هڪ ٻئي کان جدا ناهن. اهوئي سبب آهي جو سندس شاعريءَ ۾ ڌرتيءَ سان محبت سان گڏ وطن جي وسيلن، قومي حقن، عوامي مفادن ۽ سماجي انصاف جو سوال به اهميت رکي ٿو. جديد سنڌي شاعريءَ ۾ استاد بخاريءَ جو ڪلام ڏکن، دردن، پيڙائن، همت، اتساهه، مزاحمت ۽ بغاوت جي گڏيل اظهار طور سامهون اچي ٿو. سندس شاعريءَ ۾ قومي ۽ اجتماعي مسئلا ذاتي احساسن کان مٿانهان ٿي هڪ وسيع سماجي معنويت اختيار ڪن ٿا. شاعر عوام جي محرومين کي رڳو بيان نٿو ڪري، پر

انهن کي فڪري سجاڳي ۽ جدوجهد سان ڳنڍڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. ڪامريڊ سوپو گيانچنداڻي، استاد بخاريءَ جي شعري مجموعي ڪاري ڪڪر هيٺ جي مهاڳ ۾ لکي ٿو:

”استاد اڄوڪي وقت جو ظلم ۽ ڏاڍ خلاف اتساهيندڙ انقلابي قسم جو شاعر ۽ نقاد آهي. سندس شاعريء ۾ جيڪا اسان جي سنڌ جي ڪلاسيڪي شاعريء واري شڪل آهي، تنهن سان هو روزمره جي مسئلن کي تاريخ جي واقعن سان ڳنڍي هڪ ابدي حيثيت ڏيو ڇڏي.“(15)

مٿئين راءِ مان استاد بخاريءَ جي شاعريءَ جي ٻن اهم خصوصيتن جي نشاندهي ٿئي ٿي. پهرين، سندس شاعريءَ جو فڪري لاڳاپو ظلم ۽ ڏاڍ خلاف جدوجهد سان آهي؛ ٻي، هو ڪلاسيڪي شعري روايتن کي جديد دور جي مسئلن سان ڳنڍي ٿو. اهڙيءَ طرح سندس شاعريءَ ۾ روايت ۽ جدت هڪ ٻئي جي مخالف نه، پر هڪ ٻئي کي نئين معنيٰ ڏيندڙ عنصر بڻجن ٿا. استاد بخاريءَ جي شاعريءَ جو هڪ اهم پهلو اهو به آهي ته هو مظلوم طبقي جي حقن کي پنهنجي ادبي آدرش جو مرڪز بڻائي ٿو. سندس ڪلام ۾ قومي هيروز، بهادري، قرباني ۽ ظلم خلاف اٿي بيهڻ جا تصور انهيءَ آدرش سان ڳنڍيل آهن. هن سلسلي ۾ سندس شاعريءَ کي سنڌ جي تاريخي جدوجهدن، اجتماعي يادگيريءَ ۽ عوامي احساسن جي ادبي ترجمانيءَ طور پڙهي سگهجي ٿو. غلام علي لنڊ، استاد بخاريءَ جي مزاحمتي شاعريءَ بابت پنهنجي تحقيق جي حوالي سان لکي ٿو:

”سنڌڙي سونهاري جي سالم سر ۽ درد ڪٿا ڪٿي، هر شاعر پنهنجي دور ۾ در در دانهيو آهي، پر سنڌي ادب جا ٻه اهڙا نالا آهن، جن سنڌ جو ڪيڏارو لکيو. سنڌ جو پهريون ڪيڏارڪو شاعر خليفو نبي بخش قاسم آهي، ۽ ٻيو شاعر استاد بخاري آهي.“(16)

ڪيڏاري جو بنيادي فڪري جوهر ظلم خلاف مقابلو، قرباني، بهادري ۽ اجتماعي مقصد لاءِ جدوجهد آهي. استاد بخاريءَ وٽ اهي عنصر جديد سياسي ۽ سماجي حالتن جي پسمنظر ۾ نئين صورت اختيار ڪن ٿا. سندس شاعريءَ ۾ ڪيڏارو رڳو ماضيءَ جي جنگين يا سورهيائيءَ جي واقعن جو بيان نه، پر موجوده ناانصافين خلاف شعوري ردعمل پڻ بڻجي ٿو. استاد بخاريءَ جي مزاحمتي شاعريءَ ۾ سورهيائيءَ جو تصور فرد جي ذاتي بهادريءَ تائين محدود نه آهي، پر اهو اجتماعي مقصد، قومي حقن ۽ عوامي پلائيءَ سان ڳنڍيل آهي. شاعر انهن ماڻهن کي پنهنجو ساٿي سمجهي ٿو، جيڪي ڏکيائين ۽ خطرن باوجود پنهنجي اصولي موقف تان دستبردار نٿا ٿين.

”ڪفن مٿي سان ٻڌي وڃن ٿا.
اهي اسان مان، اهي اسان مان.
ڪندا جيئڻ لئي جتن وتن ٿا.
اهي اسان مان، اهي اسان مان.
مري وڃن پر وري نه ڇاڻن،
ٽڪر ٽرن هي ٽري نه ڇاڻن،
ڪسي وڃن پر ڪسي نه ڪن ٿا.
اهي اسان مان، اهي اسان مان.
اڳيان مصيبت، پٺيان مصيبت،
ڪپي، سڄي سر مٿان مصيبت،
وڃان بخاري وڌي سگهن ٿا.
اهي اسان مان، اهي اسان مان.“(17)

هن نظم ۾ ”ڪفن مٿي سان ٻڌڻ“ قربانيءَ ۽ مقصد سان غيرمتزلزل وابستگيءَ جي علامت آهي. استاد انهن ماڻهن کي پنهنجي اجتماعي سڃاڻپ جو حصو بڻائي ٿو، جيڪي مصيبتن کان گهبرائڻ بدران اڳتي وڌن ٿا. استاد مصيبتن جي گهڻ رخي صورت پيش ڪري جدوجهد جي پيچيدگيءَ کي تسليم ڪري ٿو. اڳيان، پٺيان ۽ ٻنهي پاسن کان ايندڙ رڪاوٽن باوجود اڳتي وڌڻ جو تصور مزاحمت کي مستقل ۽ ارادي سان لاڳاپيل عمل بڻائي ٿو. ان ڪري

هن شاعريءَ ۾ سورهيائي ڪنهن اتفاقي جذباتي ردعمل بدران مقصد لاءِ ثابت قدم رهڻ جي صورت اختيار ڪري ٿي. استاد بخاريءَ جي مزاحمتي شاعريءَ ۾ قومي شعور جو اهم بنياد ڏرتيءَ سان محبت ۽ ان جي ماڻهن جي حقن جي تحفظ ۾ موجود آهي. سندس وطن دوستي رڳو زمين سان جذباتي وابستگي نه، پر ان زمين تي رهندڙ ماڻهن جي زندگي، روزگار، امن، انصاف ۽ آزاديءَ سان به لاڳاپيل آهي.

"اجهڻ کان مڇ ۾ مزو ٿو اچي ڏي،
جهجهڙ ٽي جيئڻ ۾ مزو ٿو اچي ڏي!
ٻنين لئي ونين لئي، وطن جي حدن لئي،
حقن لئي وڙهڻ ۾ مزو ٿو اچي ڏي.
ملي امن انصاف سڀ کي بخاري،
ته جهومڻ، نچڻ ۾ مزو ٿو اچي ڏي. " (18)

مٿئين شعر ۾ "مڇ"، "جهجهڙ ٽي جيئڻ" جون ترڪيبون مزاحمتي توانائيءَ ۽ مشڪلاتن سان مهاڏو انڪائڻ جي علامت آهن. استاد جي نظر ۾ حقن لاءِ جدوجهد زندگيءَ جي معنيٰ سان لاڳاپيل آهي. ٻنين، ونين ۽ وطن جي حدن جو ذڪر قومي شعور کي زميني وسيلن، انساني رشتن ۽ علائقائي تحفظ سان ڳنڍي ٿو. آخري سٽ فڪري لحاظ کان خاص اهميت رکي ٿي، جتي شاعر امن ۽ انصاف کي اجتماعي خوشيءَ جو بنياد بڻائي ٿو. ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته سندس مزاحمت جو مقصد رڳو مقابلو ڪرڻ يا مخالف قوت کي رد ڪرڻ نه، پر اهڙو سماج قائم ڪرڻ آهي، جتي سڀني کي امن ۽ انصاف ميسر هجي. اهڙيءَ طرح استاد بخاريءَ وٽ وطن دوستي ۽ انساني پلائي هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهن. استاد بخاريءَ جي شاعريءَ ۾ بغاوت کي سماجي ناانصافيءَ جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ ردعمل طور به پيش ڪيو ويو آهي. سندس نظر ۾ جڏهن انصاف جو نظام ڪمزور ٿي وڃي ۽ حقدارن کي حقن کان محروم رکيو وڃي، تڏهن احتجاج ۽ مزاحمت جو امڪان وڌي وڃي ٿو.

"جنهن دور ۾ انصاف نه ٿيندا آهن،
حقدار کي ڪو حق نه ڏيندا آهن،
ٻڌجي ٿو ته ان دور سندا پيءِ ۽ ماءُ،
اولاد به باغي ئي ڇٽيندا آهن." (19)

استاد هتي بغاوت کي محض فرد جي فطري سرڪشيءَ طور پيش نه ڪي آهي، پر ان کي سماجي حالتن سان ڳنڍي آهي. انصاف جي کوٽ، حقن جي لتاڙ ۽ سماجي نا انصافي اهڙا محرڪ بڻجن ٿا، جيڪي ايندڙ نسلن جي فڪري ۽ اخلاقي ردعمل تي اثرانداز ٿين ٿا. استاد هتي اهو تاثر ڏئي ٿو ته ناانصافيءَ جو اثر رڳو موجوده فرد تائين محدود نٿو رهي، پر اهو ايندڙ نسلن جي شعور ۽ روين ۾ به منتقل ٿي سگهي ٿو. تنهن هوندي به هن شعر کي لفظي ۽ قطعي سماجي قانون طور نه، پر ناانصافيءَ ۽ بغاوت جي باهمي تعلق بابت شاعراڻي اظهار طور سمجهڻ گهرجي. استاد بخاريءَ جي شاعريءَ ۾ جدوجهد جو تصور اميد، مستقل مزاجي ۽ منزل تائين پهچڻ جي عزم سان ڳنڍيل آهي. شاعر رڪاوٽن کي زندگيءَ جي اٽٽر حقيقت طور تسليم ڪندي انهن جي مقابلي لاءِ همت پيدا ڪري ٿو.

"جي جهنگ ڪندو تنگ ته ساڙي اچبو،
هوندو جي بيابان ته لتاڙي اچبو،
او منزل مقصود هي وعدو آهي،
آيو جي اڳيان اپ ته ڦاڙي اچبو.
اچبو ته جگر شير جو ڏاري اچبو،
هر ديو ۽ راڪاس کي ماري اچبو،
او منزل مقصود هي وعدو آهي،

هر حال ۾ انجام کي پاري اڇبو.“(20)

هن شعر ۾ جهنگ، بيابان، اپ، ديو ۽ راکاس رکاوٽن جي علامتي صورتن طور سامهون اچن ٿا. استاد انهن علامتن ذريعي جدوجهد جي دائري کي وسيع ڪري ٿو. رکاوٽون ڪڏهن فطري ۽ حالاتي مشڪلاتن جي صورت ۾ آهن، ته ڪڏهن سماجي جبر ۽ طاقت جي علامت بڻجن ٿيون. منزل تائين پهچڻ رڳو خواهش جو اظهار نه، پر انجام نپائڻ ۽ عزم تي قائم رهڻ جو عمل آهي. هن شعر ۾ مبالغي ۽ علامتي ٻوليءَ جو استعمال پڙهندڙ ۾ جذباتي تحرڪ پيدا ڪري ٿو. استاد نااميديءَ کي آخري حقيقت طور قبول ڪرڻ بدران جدوجهد جي امڪان کي زنده رکي ٿو.استاد بخاريءَ جي هن فڪري رويي ۾ اميد جو تصور غيرفعال انتظار نه، پر عمل ۽ ڪوشش سان ڳنڍيل آهي. سندس شاعريءَ جو پڙهندڙ رکاوٽن جي موجودگيءَ کان واقف ٿيندي به اڳتي وڌڻ جي ضرورت محسوس ڪري ٿو. ان ڪري سندس مزاحمتي فڪر ۾ اميد ۽ جدوجهد هڪ ٻئي جا لازمي جز بڻجي وڃن ٿا. استاد بخاريءَ جي شاعريءَ ۾ جبر ۽ آمريت خلاف مزاحمت جو هڪ نمايان پاسو اصولي ثابت قدمي آهي. هو زور زبردستيءَ سان مڙهيل حڪم يا نظام کي قبول ڪرڻ بدران پنهنجي موقف تي قائم رهڻ جي ڳالهه ڪري ٿو.

”زور زبر جي بات نه مڃبي،
موت لڙي ته به مات نه مڃبي،
چاهي ڏرتي اٿلي پئي پر،
روشن ڪاري مات نه مڃبي.“(21)

هتي ”زور زبر“ طاقت جي ناجائز استعمال ۽ جابراڻي حڪمرانيءَ جي علامت آهي. ان جي مقابلي ۾ ”نه مڃبي“ جو ورجاءُ انڪار، مزاحمت ۽ اصولي استقلال کي ظاهر ڪري ٿو. استاد جي فڪري ترجيح طاقت جي فرمانبرداريءَ بدران پنهنجي اصولي موقف جي حفاظت آهي. ”روشن ڪاري“ جي ترڪيب کي فڪري سڃاڻي، روشن خيالي يا حق جي شعور سان لاڳاپيل مفهوم آهي. اهڙيءَ طرح استاد بخاريءَ وٽ مزاحمت جو تعلق صرف ٻاهرين طاقت جي مخالفت سان نه، پر پنهنجي فڪري آزاديءَ کي برقرار رکڻ سان پڻ آهي. اهو ئي پاسو سندس شاعريءَ کي سياسي احتجاج کان اڳتي وڌائي اخلاقي ۽ ذهني آزاديءَ جي بحث سان ڳنڍي ٿو. استاد بخاريءَ جي مزاحمتي شاعريءَ ۾ قلم کي هڪ اهم فڪري ۽ سماجي قوت طور پيش ڪيو ويو آهي. هن جي نظر ۾ علم ۽ تخليق سماجي جبر خلاف شعور پيدا ڪرڻ جا وسيلا آهن. قلم جي طاقت جو تصور سندس شاعريءَ ۾ روايتي هٿيار جي علامت سان ڳنڍيجي هڪ نئون معنوي دائرو پيدا ڪري ٿو.

”اسين زور سرڪش، دودستا اناڙي،
اسان کي ڏسي ڏاڍ کنهندو آ ڪياڙي،
پڙهون پاڻ ٻين ۾ ٻيلن جي هيڻان،
اسان جو قلم آ گهڙيندي ڪهاڙي.“ (22)

هن شعر ۾ ”زور سرڪش“ ۽ ”ڏاڍ“ جي وچ ۾ تضاد قائم آهي. استاد پاڻ کي اهڙي اجتماعي قوت جو حصو سمجهي ٿو، جيڪا ظاهري وسيلن جي ڪوٽ باوجود پنهنجي قلم جي طاقت تي پروسو رکي ٿي. ٻين ۽ ٻيلن جي هيڻان پڙهڻ جو ذڪر علم تائين محدود رسائيءَ يا ڏکين حالتن ۾ به سکڻ ۽ سوچڻ جي علامت طور پڙهي سگهجي ٿو. ”قلم آ گهڙيندي ڪهاڙي“ واري سٽ ۾ استاد جو مقصد اهو ٻڌائڻ آهي ته فڪري مزاحمت سماج جي جڙيل ناانصافين کي چئلينج ڪري سگهي ٿي. ان لحاظ کان قلم رڳو اظهار جو اوزار نه، پر شعور جي تعمير ۽ سماجي تبديليءَ جي امڪان جي علامت بڻجي ٿو. استاد بخاريءَ جي مزاحمتي شاعريءَ ۾ تاريخي شعور ۽ جديد فڪر جي اهميت کي به نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. سندس شاعريءَ بابت سراج ميمڻ، ڪوڪڙ يا ڪلياڻ جي مهاڳ ۾ لکي ٿو:

”هن سنڌ جي ماڻهن کي سنڌ جي معاشري ۽ ان جي تاريخي ۽ سماجي پسمنظر ۾ ڏٺو آهي. سڃاتو آهي. هو ويهين صديءِ جو شعور هنن سان ونڊڻ ۽ ورچڻ گهري ٿو. هو اميد ۽ رجائيت جو شاعر آهي، جنهن کي انسان

جي آئيندي، سنڌ جي انسان جي آئيندي ۾ ايمان آهي، جيڪو وجودي ويڑھ ۾ اتھاس، علم ۽ عقل کي هٿيار بڻائي وڌي رهيو آهي.“(23)

استاد بخاريءَ جي شاعريءَ ۾ سنڌ جي سماجي حقيقتن کي تاريخي شعور سان ڳنڍڻ جي ڪوشش موجود آهي. هو ماضيءَ کي محض يادگيريءَ لاءِ استعمال نٿو ڪري، پر ان کي حال کي سمجھڻ ۽ مستقبل بابت فڪري امڪان پيدا ڪرڻ لاءِ ڪم آڻي ٿو. علم ۽ عقل کي هٿيار بڻائڻ جو تصور سندس انقلابي فڪر جو اهم حصو آهي. هتي هٿيار جو مفهوم رڳو جسماني طاقت تائين محدود نه آهي، پر اهو شعوري تياري، علمي صلاحيت، تاريخي ڄاڻ ۽ سماجي حقيقتن کي پرکڻ جي سگھ کي به ظاهر ڪري ٿو. اهڙيءَ طرح استاد بخاريءَ وٽ روشن خيالي سماجي تبديليءَ جو بنيادي شرط بڻجي ٿي. سندس اميد ۽ رجائيت جو فڪر به انهيءَ تاريخي شعور سان ڳنڍيل آهي. هو مستقبل بابت مثبت امڪان رکي ٿو، پر ان اميد کي عمل، علم ۽ جدوجهد کان الڳ نٿو ڪري. سندس نظر ۾ بهتر مستقبل جي تعمير لاءِ حالتن کي سمجھڻ، تاريخ مان سکڻ ۽ عقل کي استعمال ڪرڻ ضروري آهي. استاد بخاريءَ جي مزاحمتي شاعريءَ ۾ قومي خودمختياريءَ جو تصور ان وقت وڌيڪ واضح ٿئي ٿو، جڏهن پاڻ قومي حقن ۽ ڌرتيءَ جي مفادن کي سياسي طاقت، مذهبي اختيار ۽ سماجي بالادستيءَ جي سوالن سان ڳنڍي ٿو. سندس فڪري رويي ۾ انڌي عقيدت ۽ مذهبي ٺيڪيداريءَ تي تنقيد جو مقصد عقيدي جي هر صورت کي رد ڪرڻ بدران ان جي اهڙي سياسي استعمال کي چئلينج ڪرڻ آهي، جيڪو عوامي حقن ۽ اجتماعي مفادن کي نقصان پهچائي.

”وطن جي جنگ جوئي ٿئون، مخالف ٿي،
جي ملڪ الموت ايندو ته به مري ويندو.
اسان سنڌين کان آزادي کسڻ جي لئي،
خدا آمر سان گڏ ايندو وري ويندو “(24)

هن شعر ۾ استاد قومي آزاديءَ جي سوال کي آمريت ۽ طاقت جي جبر سان ڳنڍيو آهي. هتي ”آزادي کسڻ“ جو تصور قومي خودمختياريءَ جي نقصان ڏانهن اشارو ڪري ٿو، جڏهن ته ”آمر“ جي علامت سياسي اقتدار جي اهڙي صورت کي ظاهر ڪري ٿي، جيڪا عوام جي آزاديءَ تي پابندي وجهي ٿي. شعر جي ٻوليءَ ۾ شديد احتجاج ۽ طنزيه لهجو موجود آهي. خدا ۽ آمر جي نالي کي هڪ ئي مصرع ۾ آڻڻ سان استاد طاقت جي سياسي جواز بابت سوال اٿاري ٿو. ان کي مذهبي عقيدي بابت عام ۽ قطعي موقف طور پڙهڻ بدران ان تنقيد جي صورت ۾ سمجھڻ گهرجي، جيڪا استاد جي نظر ۾ اقتدار کي جائز ثابت ڪرڻ لاءِ مقدس تصورن جي استعمال خلاف ڪئي وئي آهي. اهڙيءَ طرح استاد بخاريءَ وٽ قومي مزاحمت جو مطلب صرف قومي سيڙپ جي سارا‌هه نه، پر انهن سياسي ۽ سماجي طريقن جي تنقيد به آهي، جيڪي آزاديءَ، خودمختياريءَ ۽ عوامي حقن کي محدود ڪن ٿا. استاد بخاريءَ جي شاعريءَ ۾ ڪتاب ۽ قلم سماجي بيداريءَ جا اهم وسيلا آهن. هو علم کي جهالت، انڌي عقيدت ۽ رجعت پسنديءَ جي مقابلي ۾ هڪ تعميري قوت طور پيش ڪري ٿو. سندس فڪر ۾ علمي سجاڳيءَ کان سواءِ مستقل سماجي تبديليءَ جو تصور اڻپورو آهي.

”پڇيائون ته هٿ ۾ قلم آ يا بجلي،
بغل ۾ ڪتاب آ يا طوفان آهي،
تڪي ڪامريڊن جي منهن ۾ چيم،
نون انقلابن جو سامان آهي.“(25)

مٿئين شعر ۾ قلم کي بجليءَ ۽ ڪتاب کي طوفان سان تشبيهه ڏني وئي آهي. بجليءَ جي علامت قوت، توانائي ۽ اثرائتي حرڪت کي ظاهر ڪري ٿي، جڏهن ته طوفان جي علامت وڏي تبديليءَ، تحرڪ ۽ پراڻين حالتن ۾ ڌار پوڻ جو احساس پيدا ڪري ٿي. استاد انهن علامتن وسيلي علم ۽ ادب جي تبديلي آڻيندڙ قوت کي نمايان ڪري ٿو. ڪتاب ۽ قلم استاد وٽ رڳو ذاتي مطالعي يا اظهار جا وسيلا نه، پر سماجي شعور، تنقيدي سوچ ۽ نئين فڪري دنيا جي تعمير جا اوزار آهن. هتي انقلاب جو مفهوم به رڳو سياسي اقتدار جي تبديلي تائين محدود نه آهي؛ ان ۾

ذهني آزادي، علمي ترقي ۽ سماجي روين جي تبديليءَ جو امڪان پڻ شامل آهي. اهڙيءَ طرح استاد بخاريءَ جي مزاحمتي شاعريءَ ۾ علم ۽ انقلاب جو تعلق بنيادي حيثيت رکي ٿو. هو پڙهندڙ کي اهو احساس ڏياري ٿو ته ظلم خلاف جدوجهد لاءِ جذبي سان گڏ فڪري تياري، علمي جاڻ ۽ سماجي شعور پڻ ضروري آهن. استاد بخاريءَ جي مزاحمتي شاعريءَ جو هڪ اهم پاسو مظلومن، بي سهارن ۽ پيڙهيل طبقن سان يڪجهتي آهي. سندس فڪر ۾ عوام دوستيءَ جو مطلب صرف عوام جي ڏکن جو ذڪر ڪرڻ نه، پر انهن جي انساني وقار ۽ حقن کي اهميت ڏيڻ آهي.

"هڪين خالي اسين ظلمن سان لڙنداسين لڙڻ ڏسجو!
اميد آهي، يقين آهي ته کٽنداسين کٽڻ ڏسجو!
جبل ايندا اڳيان، جبلن جا سينا ڏاري وجهنداسين،
بهر حالت اسين منزل ڏي وڌنداسين وڌڻ ڏسجو.
گدڙ جهڙي غلاميء جي حياتيء کان مرڻ بهتر،
جي رهنداسين ته ڪيهر شينهن رهنداسين رهڻ ڏسجو!"(26)

استاد جي هن شعر ۾ هڪين خالي هجڻ جي باوجود ظلم خلاف جدوجهد ڪرڻ جو تصور مزاحمت جي اخلاقي قوت کي ظاهر ڪري ٿو. هن جي نظر ۾ جدوجهد جي ڪاميابيءَ جو بنياد رڳو مادي وسيلن تي نه، پر ارادي، اتحاد، اميد ۽ ثابت قدميءَ تي به آهي. جبلن جا سينا ڏارڻ واري تصوير رڪاوٽن جي شدت ۽ انهن جي مقابلي ۾ انسان جي عزم کي ظاهر ڪري ٿي. آخري بند ۾ غلاميءَ ۽ آزاديءَ جي وچ ۾ واضح قدرن جو تضاد قائم ڪيو ويو آهي. "گدڙ" ۽ "ڪيهر شينهن" جون علامتون ترتيبوار ڪمزوري ۽ بهادريءَ جي ثقافتي معنائن کي استعمال ڪن ٿيون. استاد آزاديءَ ۽ وقار کي زندگيءَ جي معيار سان ڳنڍي ٿو. سندس نظر ۾ انسان جي اهميت رڳو زنده رهڻ ۾ نه، پر عزت، خودمختياري ۽ اصولن سان زندگي گذارڻ ۾ آهي. ان ڪري سندس مزاحمتي شاعريءَ ۾ انساني وقار، عوامي حقن ۽ قومي آزاديءَ جا تصور گڏيل صورت ۾ موجود آهن. استاد بخاريءَ جي شاعريءَ ۾ سنڌ جي زمين ۽ وسيلن تي عوام جي حق جو سوال نمايان آهي. شاعر اهڙي ذهنيت تي تنقيد ڪري ٿو، جيڪا وطن کي ڪنهن مخصوص خاندان، سردار يا طاقتور طبقي جي ذاتي ملڪيت سمجهي ٿي.

"جن سون وٽي ۽ سيڻ ڏنا،
تن مڪارن، من ڪارن جي،
هيءَ سنڌ نه آ غدارن جي.
هي سنڌ وطن آ سڀني جو،
جاگير نه آ سردارن جي،
هيءَ سنڌ نه آ غدارن جي." (27)

هن شعر سنڌ جي اجتماعي مالڪيءَ جو تصور پيش ڪري ٿو. استاد جي تنقيد جو مرڪز اهو رويو آهي، جنهن ۾ قومي مفادن کي ذاتي، خاندااني يا طبقاتي مفادن جي تابع ڪيو وڃي ٿو. "غدار" ۽ "مڪار" جهڙا لفظ شديد احتجاجي لهجي کي ظاهر ڪن ٿا. هن شعر جو اهم فڪري پهلو اهو آهي ته قومي وطن کي گڏيل عوامي ملڪيت ۽ گڏيل ذميواريءَ جي علامت بڻايو ويو آهي. ان ڪري استاد بخاريءَ جي قومي شعور ۾ جاگيرداريءَ جي مخالفت، عوامي حقن جي حمايت ۽ سنڌ جي اجتماعي سڃاڻپ جو تحفظ هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهن.استاد بخاريءَ جي انقلابي فڪر ۾ ادب، علم ۽ عملي جدوجهد جي وچ ۾ تعلق کي خاص اهميت حاصل آهي. سندس نظر ۾ قلم ۽ ڪتاب شعوري تبديليءَ جا وسيلا آهن، جڏهن ته عملي جدوجهد اجتماعي حقن جي حفاظت ۽ سماجي تبديليءَ لاءِ ضروري ٿي سگهي ٿي. هن گڏيل تصور کي هو هن ريت پيش ڪري ٿو:

"تحرير کي ترار بنايون بچي پئون.
ڪو ڪار مان ڪٽار بنايون بچي پئون.
هن جوءِ لئي هزار اٿي جانباز پيا،

هڪ هڪ منجهان هزار بنايون بچي پئون.
بندوق ۽ ڪتاب مٿان دسترس هجي،
هوشيار پنهنجا پار بنايون بچي پئون.“(28)

هن شعر ۾ تحرير کي ترار ۽ ڪار مان ڪٽار ڌاهڻ جون تشبيهون علم ۽ فڪري اظهار جي قوت کي ظاهر ڪن ٿيون. ”بندوق ۽ ڪتاب“ جو گڏيل ذڪر استاد جي مزاحمتي تصور ۾ عملي طاقت ۽ علمي شعور جي موجودگيءَ ڏانهن اشارو ڪري ٿو. آخري سٽ ۾ پارن کي هوشيار ٻڌائڻ تي زور ڏنو ويو آهي. اهڙيءَ طرح استاد بخاريءَ جي شاعريءَ ۾ تحرير، ڪتاب ۽ تعليم هڪ وسيع انقلابي تصور جا حصا آهن، جن جو مقصد عوام ۾ شعور پيدا ڪرڻ، قومي حقن جي حفاظت بابت احساس پيدا ڪرڻ ۽ سماج کي فڪري طور مضبوط ڪرڻ آهي. استاد بخاريءَ جي مزاحمتي شاعريءَ ۾ احتجاج ۽ بغاوت جي شدت باوجود هڪ تعميري مقصد موجود آهي. سندس فڪر کي رڳو جابر قوتن خلاف ردعمل طور سمجهڻ سان ان جي مڪمل معنويت سامهون نٿي اچي. هو اهڙي سماج جو تصور پيش ڪري ٿو، جنهن ۾ قومي حقن سان گڏ امن، انصاف، انساني وقار ۽ اجتماعي پلائيءَ کي به اهميت حاصل هجي. سندس شاعريءَ ۾ آزاديءَ جو تصور سماجي انصاف کان جدا نه آهي. جيڪڏهن قوم کي پنهنجي ٻولي، ثقافت ۽ وسيلن سان وابستگيءَ جو حق حاصل هجي، پر عام ماڻهو غربت، استحصال يا سماجي اڻ برابريءَ جو شڪار رهي، ته سندس پيش ڪيل بهتر سماج جو مقصد اڻپورو رهندو. اهڙيءَ طرح استاد بخاريءَ جي فڪر ۾ قومي شعور کي عوام جي زندگيءَ جي حالتن سان ڳنڍڻ جي ڪوشش موجود آهي.

سندس ڪلام ۾ امن ۽ جدوجهد جو تعلق به قابلِ غور آهي. استاد ظلم خلاف مزاحمت جي حمايت ڪري ٿو، پر ساڻئي وقت امن ۽ انصاف کي اجتماعي خوشيءَ جو بنياد ٻڌائي ٿو. ان مان معلوم ٿئي ٿو ته مزاحمت سندس شاعريءَ ۾ پاڻمرادو آخري مقصد نه، پر هڪ اهڙي سماجي حالت تائين پهچڻ جو فڪري وسيلو آهي، جتي انسان کي عزت، آزادي ۽ انصاف ميسر هجي. مٿي ڏنل شعري مثالن ۽ تنقيدي حوالن جي مطالعي مان ظاهر ٿئي ٿو ته استاد بخاريءَ جي مزاحمتي شاعريءَ ۾ قومي شعور، عوامي جدوجهد ۽ انقلابي فڪر هڪ گڏيل فڪري نظام جي صورت ۾ موجود آهن. قومي شعور سندس شاعريءَ ۾ سنڌ جي ڌرتي، ٻولي، تاريخ، وسيلن ۽ اجتماعي سڃاڻپ جي حفاظت سان لاڳاپيل آهي. عوامي جدوجهد جو تصور هارين، مزدورن، مسڪينن، مظلومن ۽ بي سهارن جي حقن سان ڳنڍيل آهي. انقلابي فڪر ۾ علم، عقل، روشن خيالي، سماجي سڌاري ۽ فرسوده نظام جي تنقيد شامل آهي. استاد جي ٻوليءَ ۾ ورجاءُ، تشبيهه، استعارو، مبالغو، احتجاجي لهجو ۽ اجتماعي ضمير جهڑا فني وسيلا اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. ”اهي اسان مان“، ”منزل مقصود“، ”قلم آ گهڙيندي کهاڙي“، ”جاگير نه آ سردارن جي“ ۽ ”بندوق ۽ ڪتاب“ جهڙيون ترڪيبون سندس فڪر جي مختلف رخن کي ظاهر ڪن ٿيون. اهي ترڪيبون رڳو لفظي خوبصورتيءَ جو سبب نه آهن، پر انهن وسيلي استاد اجتماعي سڃاڻپ، جدوجهد، علمي بيداري ۽ سماجي انصاف جا تصور پڙهندڙ تائين پهچائي ٿو. استاد جي شاعريءَ ۾ قومي ۽ عوامي مزاحمت جي گڏيل موجودگي سڀ کان اهم خصوصيت آهي. سندس وطن دوستي عوام کان الڳ نه آهي، سندس بغاوت انصاف جي سوال کان جدا نه آهي ۽ سندس انقلابي فڪر علمي ۽ اخلاقي سجاڳيءَ کان خالي نه آهي. انهيءَ گڏيل فڪري جوڙجڪ سبب استاد بخاريءَ جي مزاحمتي شاعري جديد سنڌي ادب ۾ هڪ اهم مطالعاتي موضوع بڻجي ٿي.

استاد بخاريءَ جي مزاحمتي شاعريءَ جي چونڊ متن، ادبي تنقيد ۽ تاريخي، سياسي ۽ سماجي تناظر جي مطالعي مان ظاهر ٿئي ٿو ته سندس ڪلام ۾ قومي شعور، عوامي جدوجهد ۽ انقلابي فڪر هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهن. سندس شاعريءَ ۾ مزاحمت ڪنهن هڪ سياسي واقعي يا مخصوص سماجي مسئلي جو ردعمل نه، پر هڪ وسيع فڪري رويو آهي، جيڪو قومي حقن جي تحفظ، انساني آزادي، سماجي برابري، علمي بيداري ۽ ظلم جي مخالفت سان لاڳاپيل آهي. هن مطالعي مان جيڪي اهم نتيجا سامهون اچن ٿا تن ۾ هي آهن. استاد جي شاعريءَ جو مرڪزي محور سنڌ، سنڌي قوم ۽ ڌرتيءَ سان وابستگي آهي. هو سنڌ جي قومي تشخص، ٻولي، وسيلن ۽ عوامي حقن جي تحفظ کي اهميت ڏئي ٿو. سندس وطن دوستيءَ ۾ جذباتي وابستگيءَ سان گڏ قومي ذميواريءَ جو احساس

پڻ موجود آهي. استاد بخاري هارين، مزدورن، مظلومن ۽ پيڙهيل طبقن جي مسئلن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ جاءِ ڏئي ٿو. هو انهن جي محرومين کي اجاگر ڪرڻ سان گڏ همت، اتحاد ۽ مسلسل جدوجهد جي اهميت کي نمايان ڪري ٿو. ان ڪري سندس شاعري عوامي احساسن جي ترجمانيءَ سان گڏ اجتماعي عمل لاءِ فڪري اتساهه جو ذريعو پڻ بڻجي ٿي. استاد بخاريءَ جو فڪري رويو آمريت، سياسي جبر، جاگيرداري، سماجي اٻرابري ۽ قومي استحصال جي مخالفت تي ٻڌل آهي. سندس شاعريءَ ۾ جابر قوتن کي للڪارڻ، حق ۽ سچ تي قائم رهڻ ۽ ناانصافيءَ آڏو نه جهڪڻ جا تصور نمايان آهن. استاد بخاري سماجي تبديليءَ کي ضروري سمجهي ٿو ۽ فرسوده روايتن، رجعت پسندي، توهم پرستي، جهالت ۽ تنگ نظريءَ کي تنقيد جو نشانو بڻائي ٿو. سندس شاعريءَ ۾ نئين سماج جي تعمير جو تصور علم، عقل، شعور ۽ انساني برابريءَ سان ڳنڍيل آهي.

استاد بخاري قلم، ڪتاب ۽ فڪري شعور کي سماجي بيداريءَ جا اهم وسيلا سمجهي ٿو. سندس شاعريءَ ۾ ادبي اظهار محض جمالياتي سرگرمي نه، پر سماج کي سمجهڻ، سوال اٿارڻ ۽ تبديليءَ جي خواهش پيدا ڪرڻ جو ذريعو بڻجي ٿو. استاد بخاري جي ڪلام ۾ مايوسيءَ جي مقابلي ۾ اميد ۽ بي وسيءَ جي مقابلي ۾ جدوجهد کي اهميت حاصل آهي. منزل تائين پهچڻ لاءِ رڪاوٽن کي منهن ڏيڻ ۽ حقن لاءِ ثابت قدم رهڻ وارو فڪر سندس مزاحمتي شاعريءَ ۾ موجود آهي. استاد بخاريءَ جي وطن دوستيءَ ۾ انساني همدردي، امن، انصاف ۽ اجتماعي پلائيءَ جا قدر پڻ شامل آهن. سندس فڪر جو دائرو قومي سڃاڻپ جي تحفظ سان گڏ هڪ بهتر، منصفاڻي ۽ انسان دوست سماج جي تعمير تائين پکڙيل آهي. استاد جي شاعريءَ ۾ سنڌ جي ڪلاسيڪي شعري روايتن ۽ جديد دور جي سياسي، سماجي ۽ قومي مسئلن جو ميلاپ نظر اچي ٿو. هن وٽ روايتي علامتون جديد مزاحمتي معنويت پيدا ڪرڻ لاءِ استعمال ٿي سگهن ٿيون. ورجاءُ، تشبيهه، استعارو، مبالغو ۽ احتجاجي لهجو استاد بخاريءَ جي مزاحمتي شاعريءَ جي اثرائتي اظهار ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. انهن وسيلي فرد جي پيڙا اجتماعي احساس ۾ تبديل ٿئي ٿي ۽ سياسي يا سماجي مسئلا شاعراڻي علامتن ذريعي وڌيڪ وسيع معنويت حاصل ڪن ٿا. مطالعي مان اهو پڻ ظاهر ٿئي ٿو ته استاد بخاريءَ وٽ مزاحمت رڳو مخالفت يا انڪار نه آهي، پر ان سان گڏ هڪ بهتر مستقبل جو تصور پڻ موجود آهي. امن، انصاف، آزادي، علمي سجاڳي ۽ انساني وقار سندس مزاحمتي فڪر جا تعميري قدر آهن. مجموعي طور استاد بخاريءَ جي مزاحمتي شاعريءَ کي قومي شعور، عوامي جدوجهد ۽ سماجي تبديليءَ جي ڳڙيل فڪري اظهار طور سمجهي سگهجي ٿو. سندس شاعري مظلومن جي پيڙائن کي آواز ڏئي ٿي، قومي سڃاڻپ بابت شعور کي نمايان ڪري ٿي ۽ ناانصافيءَ خلاف جدوجهد جي اخلاقي ۽ فڪري اهميت کي اجاگر ڪري ٿي. هن مطالعي جي دائري اندر اهو نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو ته استاد بخاريءَ جي شاعريءَ جي اهميت سندس احتجاجي لهجي سان گڏ ان جي عوام دوست، روشن خيال ۽ تعميري فڪر ۾ پڻ موجود آهي. اهڙيءَ طرح هو جديد سنڌي شاعريءَ ۾ اهڙي مزاحمتي آواز طور سامهون اچي ٿو، جنهن جي تخليقي اظهار ۾ ڌرتيءَ سان محبت، عوام سان وابستگي ۽ بهتر سماج جي تعمير جي خواهش هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهن.

حوالا :

1. ابوالفضل مولانا عبدالحفيظ بلياوي، مرتب؛ مصباح اللغات، برهان مڪتب دهلي، 1965
2. فيروز اللغات (عربي-اردو) فيروز سنز پرائيويٽ لميٽيڈ، لاهور
3. وارث سرهندي، علمي اردو لغت، علمي ڪتاب گهر، لاهور، 1993
4. Elias khouri, Democracy and modern Despotism, p68, in "The lost Memory", Breirut,1982,institute for Arab research
5. وارث سرهندي، علمي اردو لغت، علمي ڪتاب گهر، لاهور، 1993
6. اشفاق احمد، مرتب؛ هفت زباني لغت، مرڪزي اردو بورڊ لاهور، 197
7. صديقي بشير احمد، پروفيسر جواهراللغات، ڪتابستان پبلشنگ ڪمپني لاهور،
8. حمد نديم قاسمي، افريقی شاعری کے تراجم صفحہ 3، بحوالہ ماہ نو ۔ لاہور جون 1992ء

9. دهلوي سيد احمد مولوي، فرهنگ آصفيه (جلد چوٿون)، مرڪزي اردو بورڊ لاهور، 1977ع
10. يروز الدين مولوي، فيروز اللغات، فيروز سنز، لاهور (جلد چهون)، 1978ع
11. وارث سرهندي، قاموس مترادفات، اردو سائنس بورڊ، لاهور، 1986
12. Merriam Webster Inc, Webster's new dictionary of synonyms, publishers, spring field U.S.A
13. The advanced learner's Dictionary of conent English, London
14. ڈاکٹرسعادت سعید فن اور خالق، صفحہ 146 ، دستاویز مطبوعات، لاہور اشاعت اول: 1998
15. ملاح، مختيار احمد، اصطلاحن جي تشريحي لغت، ص 321، چاپو پهريون، 2015ع، سنڌي لينگويج اٿارٽي، حيدرآباد
16. گيانچنداڻي، سوپو، ڪاري ڪر هيڻ، مهاڳ، ص 14، چاپو پهريون، 1991ع، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد.
17. لنڊ، غلام علي، ”استاد بخاري ڊرتي ڏڻي شاعر“، مرتب: تابش بخاري، ص 134، چاپو پهريون، 2020ع، مرڪ پبليڪيشن، ڪراچي.
18. بخاري، استاد، ڳائي پيو جاڳائي پيو، ص 93، چاپو پهريون، 1999ع، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.
19. بخاري، استاد، ڳائي پيو جاڳائي پيو، ص 162، چاپو پهريون، 1999ع، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.
20. بخاري، استاد، سوچون پٽڪا واڪا، ص 214، چاپو چوٿون، 2017ع، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.
21. بخاري، استاد، گيت اسان جا جيت اسان جي، ص 210، چاپو پنجون، 2017ع، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.
22. بخاري، استاد، سوچون پٽڪا واڪا، ص 24، چاپو چوٿون، 2017ع، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.
23. بخاري، استاد، سوچون پٽڪا واڪا، ص 32، چاپو چوٿون، 2017ع، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.
24. ميمڻ، سراج، ڪوڪڙ يا ڪلياڻ، مهاڳ، ص 12، چاپو ٻيو، 1997ع، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.
25. بخاري، استاد، سوچون پٽڪا واڪا، ص 63، چاپو چوٿون، 2017ع، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.
26. بخاري، استاد، سوچون پٽڪا واڪا، ص 35، چاپو چوٿون، 2017ع، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.
27. بخاري، استاد، گيت اسان جا جيت اسان جي، ص 80، چاپو پنجون، 2017ع، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.
28. بخاري، استاد، گيت اسان جا جيت اسان جي، ص 169، چاپو پنجون، 2017ع، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.
29. بخاري، استاد، ڳائي پيو جاڳائي پيو، ص 207، چاپو پهريون، 1999ع، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.